SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.I OF 2001

صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) آرڊيننس، 2000

THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

3. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994

4. 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم
Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.I OF 2001

صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم) آرڊيننس، 2000

THE PROVINCIAL MOTOR VEHICLES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2000

[17 اپريل 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووينشل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽

1. (1) هن آرڊيننس کي صوبائي موٽر گاڏيون (ترميم)

آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

شروعات

Short title and commencement

2. صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو،ان جي دفعہ 116_A لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

Short title and commencement 1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act XXII of 1994

"116_A ٽڪيٽ نظام (1) ڪا ايراضي جنهن جي باري ۾ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻايو هجي، جنهن تي هن دفعہ جون گنجائشون لاڳو هجن، اتي هڪ وردي ۾ پوليس عملدار، جيڪو وڏي منشي جي عهدي کان گهٽ نہ هجي، جيستائين ڪجهہ هن آرڊيننس يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون جي متضاد نہ هجي، ڪنهن بہ شخص کي موٽر گاڏي جي سلسلي ۾ ٻارهين شيڊول ۾ ڄاڻايل ڪو ڏوهہ ڪرڻ تي موقعي تي ڏنڊ وجهي سگهي ٿو.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت هڪ پوليس عملدار فارم J ۾، چئن ڪاپين ۾ چارج شيٽ ٺاهيندو، جيئن اڳ ۾ پهرين شيڊول ۾ ٺهيل آهي، ۽ ڪندو:

(a) فوري طور تي ان جي هڪ نقل جوابدار کي ڏيندو، جيڪو ان جي وصولي جي پنهنجي صحيح يا آڱوٺي جي نشان سان، جيئن معاملو هجي، آگاهي ڏيندو.

(b) چوويهہ ڪلاڪن اندر چارج شيٽ جو ٻيو نقل عدالت کي اماڻيندو، جنهن کي ان تي ڪارروائي جو دائره اختيار هوندو.

(c) چوويهہ ڪلاڪن دوران چارج شيٽ جي ٽين نقل بيان ڪيل ايجنسي ڏانهن اماڻيندو، جتي جوابدارن کي ڏنڊ جمع

ڪرائڻو آهي: ۽

(d) چوٽين ڪاپي رڪارڊ ۾ رکندو.

(3) هن دفعہ تحت ڪيل ڏوهہ ۾ الزام هيٺ آيل ماڻهو جيڪڏهن اهو الزام جو دفاع ڪرڻ نٿو چاهي، اهو دفعہ (2) تحت ڪيس چارج شيٽ ملڻ واري تاريخ کان ستن ڏينهن اندر چارج شيٽ ۾ ڄاڻايل ڏوهہ لاءِ ڏنڊ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان جي ڪنهن بہ برانچ ۾ روڪ رقم ذريعي لاڳاپيل پوليس عملدار يا ان سلسلي ۾ بيان ڪيل پوليس اسٽيشن کي آگاهي بعد ادا ڪندو.

(4) جتي الزام هيٺ آيل شخص ڏوهي ثابت ٿئي ۽ بيان ڪيل ڏنڊ ادا ڪري ٿو ۽ ذيلي دفعہ (3) جي گنجائشن تي عمل ڪري ٿو تہ ان خلاف ان ڏوهہ جي سلسلي ۾ ڪو وڌيڪ قدم نہ کنيو ويندو.

(5) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (3) ۾ بيان ڪيل طريقيڪار موجب ڏنڊ ادا نہ ٿو ڪيو وڃي تہ پوليس عملدار جيڪو چارج لڳائي رهيو هوندو اهو ڏوهيءَ خلاف عدالت ۾ شڪايت ڪندو جنهن کي ان ڏوهہ خلاف ڪارروائي جو دائره اختيار هوندو.

(6) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ٻارنهين شيڊول ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي تہ جينئ ڪا نئين داخلا ان سلسلي ۾ شامل ڪري سگهجي يا ترتيب ڏئي سگهجي يا ان سلسلي ۾ موجود ڪا داخلا ختم ڪري سگهجي."

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي پهرين شيڊول ۾:

(a) "فارم J" لاءِ هن آرڊيننس جي ضميمي I ۾ بيان ڪيل فارم کي متبادل بڻايو ويندو: ۽

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act XXII of 1994

1994 جي سنڌ ايڪٽ XXII جي دفعہ 6_A جي ترميم

Amendment of section 6_A of Sindh Act XXII of 1994

(b) "فارم K" کي ختم ڪيو ويندو.

4. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ هن آرڊيننس جي ضميمي II ۾ ڄاڻايل "ٻارهين شيڊول" کي متبادل بڻايو ويندو.

گردان_i

فارم "J"

(ڏسو دفعہ 116A)

ٽڪيٽ نمبر _____ ڪتاب نمبر _____

ڏوهارين جو نالو _____

ڏوهارين جو پتو _____

ڊرائيونگ لائسنس نمبر _____

سچاڻپ ڪارڊ نمبر _____

گاڏي نمبر _____ گاڏي جو قسم _____

پيچڪڙي جو هنڌ/ٽرئفڪ سيڪشن _____

پيچڪڙي جو ڪوڊ/قسم _____

ڏوهہ جي تاريخ _____ وقت _____

بيان ڪيل ڏنڊ _____

دائره اختيار رکندڙ عدالت _____

پوليس اسٽيشن جو نالو جنهن کي

ڏنڊ جي ادائگي جو اطلاع ڏيڻو آهي _____

ڏوهاري جي صحيح/آڱوٺي جو نشان _____

ٽڪيٽ جاري ڪندڙ عملدار جي صحيح _____

ڪاغذ جيڪڏهن ورتا ويا آهن

ڏوهاري کي بيان ڪيل ڏنڊ ڪراچي جي نيشنل بئنڪ جي ڪنهن به برانچ ۾ ستن ڏينهن اندر جمع ڪرائڻو پوندو، جنهن ۾ ناڪام ٿيڻ تي دائره اختيار رکندڙ عدالت ۾ ڪارروائي ٿيندي.

فقط بئنڪ جي استعمال لاءِ

برانچ _____ تاريخ _____

وصول ڪيل رپيا _____ (لفظن ۾) _____

صحيح سرڪاري ٽپو صحيح

بارهون شيڊول

(ڏسو دفعه 116_A)

حصو _I

چرپر جي پيچڪڙي

جريان نمبر	پيچڪڙيون	ڏنڊ
1.	مقرر ڪيل اسپيڊ جي حد کان وڌيڪ	200.00/= رپيا
2.	پبلڪ سروس جي گاڏيءَ ۾ اجازت ڏنل ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهو ڪڍڻ	100.00/= رپيا
3.	(هٿرادو/اليڪٽريڪل) ٽرئفڪ سگنل جي پيچڪڙي	200.00/= رپيا
4.	پبلڪ ٽرانسپورٽ گاڏين طرفان اوور لوڊنگ (سامان ڍوئڻ)	100.00/= رپيا
5.	اڳ ڪيڻ، جتي منع ٿيل هجي	100.00/= رپيا

.6	ٻين گاڏين کي رستو ڏيڻ ۾ ناڪامي	100.00/= رپيا
.7	ايمرجنسي گاڏين جي چرپر ۾ رڪاوٽ وجهڻ	50.00/= رپيا
.8	سامان پرڻ جي گنجائش جي پابندي کان وڌيڪ پرائي	100.00/= رپيا
.9	رات ۾ بنا لائيٽ جي گاڏي هلائڻ	100.00/= رپيا
.10	روڊ جي غلط پاسي گاڏي هلائڻ	100.00/= رپيا
.11	ٽرئفڪ سگنلز جي پيچڪڙي	200.00/= رپيا
.12	ريلوي ٽريڪ جي خاص ڪراسنگ	50.00/= رپيا
.13	تمام ويجهو کان پنيان لڳڻ يا تيزي سان ڪٽ ڏيڻ	100.00/= رپيا
.14	ڪارن/ڊڪيل شيشن سان گاڏي هلائڻ، جن سان گاڏيءَ ۾ اندر نظر نه پوي	200.00/= رپيا
.15	ٽرئفڪ قطارن تان ٽپڻ	100.00/= رپيا
.16	ٻي ٽرئفڪ لاءِ هيڊ لائيٽ بند ڪرڻ ۾ ناڪامي	50.00/= رپيا
.17	ون وي اسٽريٽ ۾ غلط پاسي هلائڻ	100.00/= رپيا

.18	موڙ ڪاٽڻ جو اشارو بيان ڪيل مقصد کان ٻئي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ	100.00/= رپيا
.19	جتي منع ڪيو ويو هجي اتي گاڏي هلائڻ	50.00/= رپيا
.20	شين جي غلط طريقي لوڊنگ/غلط طريقي ڀريل شيون	100.00/= رپيا
.21	لائيٽنگ ڪلاڪن جو جي پابندي ڪرڻ ۾ ناڪامي	50.00/= رپيا
.22	ٽرئفڪ ۾ رڪاوٽ وجهڻ	100.00/= رپيا
.23	قانون جي نشاني جي پابندي ۾ ناڪامي	50.00/= رپيا
.24	حفاظتي هيلمٽ کانسواءِ موٽر سائيڪل هلائڻ	50.00/= رپيا
.25	اسڪول بس لاءِ بيهڻ ۾ ناڪامي	50.00/= رپيا
.26	موڙ ڪاٽڻ جنهن طرف منع ڪيل هجي	50.00/= رپيا
.27	سيڪڙات ڊرائيورن جي حفاظت ۾ ناڪامي	50.00/= رپيا
.28	پنڌ ويندڙن کي پنهنجي دڳ تي وڃڻ کان محروم ڪرڻ	100.00/= رپيا
.29	لاپرواهه ۽ غفلت سان گاڏي هلائڻ	200.00/= رپيا

.30	ڊرائيونگ لائسنس کانسواءِ گاڏي هلائڻ	300.00/= رپيا
.31	اڻ رجسٽر ٿيل گاڏي هلائڻ	100.00/= رپيا
.32	انشورنس ڪوريج کانسواءِ موٽر گاڏي هلائڻ	50.00/= رپيا
.33	اسپيڊو ميٽر کانسواءِ يا خراب اسپيڊو ميٽر سان گاڏي هلائڻ	50.00/= رپيا
.34	ٽرانسپورٽ گاڏيءَ ۾ خطرناڪ طريقي سان مسافر ڪڍڻ	100.00/= رپيا
.35	خطرناڪ طريقي سان دروازو کولڻ	100.00/= رپيا
.36	خاص موڙ ڪاٽڻ (غلط لين مان موڙ ڪاٽڻ)	50.00/= رپيا
.37	خاص لين جو استعمال	50.00/= رپيا
.38	خاموشي واري زون ۾ هارن وڄائڻ	250.00/= رپيا
.39	غلط طريقي سان پنتي موٽڻ	100.00/= رپيا
.40	لائسنس ڏيکارڻ کان انڪار	100.00/= رپيا
.41	ٽرئفڪ پوليس طرفان روڪڻ تي نہ بيهڻ	100.00/= رپيا
.42	فٽنيس سرٽيفڪيٽ کانسواءِ گاڏي	100.00/=

	هلائڻ	رپيا
.43	بيان ڪيل وزن جي حد کان وڌيڪ سان گاڏي هلائڻ	100.00/= رپيا
.44	غير محفوظ حالت ۾ گاڏي استعمال ڪرڻ	100.00/= رپيا
.45	پريشر/ميوزيڪل هارن استعمال ڪرڻ	250.00/= رپيا
.46	قانون/قاعدن جي پيڪڙي ڪندي گاڏي هلائڻ جيڪي ٻي صورت ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن	100.00/= رپيا
.47	دونهون ڪڍندڙ گاڏيون	200.00/= رپيا
.48	نابالغن طرفان گاڏي هلائڻ	350.00/= رپيا
.49	ساڳي پيڪڙي دهرائڻ	400.00/= رپيا
.50	مٿين پيڪڙين جي خلاف ورزي	400.00/= رپيا
	حصو_II گاڏي بيهارڻ جي پيڪڙي	
.1	رڪاوٽ کان 0.5 ميٽر کان پري گاڏي بيهارڻ	50.00/= رپيا
.2	سائيڊ واڪ تي گاڏي بيهارڻ	50.00/= رپيا
.3	ٻي ڪار کان 0.5 ميٽر کان گهٽ ۾	50.00/=

	گاڏي بيهارڻ	رپيا
.4	زيبرا ڪراسنگ تي گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.5	فائر هائڊرنٽ کان 3 ميٽر کان گهٽ ۾ گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.6	فائر اسٽاپ نشان کان 10 انچن کان گهٽ ۾ گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.7	انٽرسيڪشن کان 10 انچن کان گهٽ ۾ گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.8	"جتي گاڏي بيهارڻي نہ هجي" اتي گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.9	ڪنهن احاطي جي داخلا وٽ گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.10	هڪ بس اسٽاپ تي غير قانوني طور گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.11	پل تي گاڏي بيهارڻ	100.00/= رپيا
.12	پارڪنگ ميٽر سان لاڳاپيل ڏوهہ جيڪو هر اڏ ڪلاڪ ۾ وڌي رهيو هجي، اها موٽر پارڪنگ جي پيچڪڙي نہ هوندي	50.00/= رپيا

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي